SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# SIND ACT No.XIV OF 1972.
# THE SIND (TEACHING, PROMOTION AND USE OF SINDHI LANGUAGE) (APPLICATION)ACT, 1972

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIV، مجريه 1972

## سنڌ (سنڌي ۾ تعليم ان جي ترقي ۽ استعمال) (عمل ڪرائڻ بابت) 1972 جو ايڪٽ

**(Contents)** فهرست

تمهيد
(Preambles)
دفعات
(Sections)
1. مختصر عنوان، توسيع ۽ شروعات
2. (Short Title and Commencement)
3. لساني بنياد تي ڪو به امتيازي سلوڪ نه ڪيو ويندو.
(No Discrimination on linguistic basis )
4. سنڌ قانون ايڪٽ نمبر II، 1972 جو اهڙي طرح لاڳو ڪرڻ، جيئن اردو سان امتيازي سلوڪ جو خاتمو ڪري.
(Applications of Sindh Act II of 1972 to eliminate discrimination against Urdu.)
5. سنڌ قانون ايڪٽ نمبر II، 1972 جي منسوخي ڪرڻ.
(Repeal of Sindh Ordinance XI of 1972)

# SIND ACT No.XIV OF 1972.
# THE SIND (TEACHING, PROMOTION AND USE OF SINDHI LANGUAGE) (APPLICATION)ACT, 1972

## سنڌ ايڪٽ نمبر **XIV**، مجريه **1972**

## سنڌ (سنڌي ۾ تعليم ان جي ترقي ۽ استعمال) (عمل ڪرائڻ بابت) 1972 جو ايڪٽ

8 ڊسمبر 1972

**تمهيد (Preambles)**

جيئن ته عارضي آئين اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آرٽيڪل نمبر 267 جي شق نمبر 2 تحت قومي ٻولي کي متاثر ڪرڻ بغير صوبائي قانون ساز ادارا قانون سازيءَ تحت قومي زبان سان گڏوگڏ صوبائي زبان ۾ به تعليم ۽ ان جي ترقي ۽ استعمال بابت قدم کڻي سگهن ٿا.

هاڻ جيئن ته اردو هڪ قومي ٻولي آهي ۽ ماڻهن جي مناسب اڪثريت استعمال ڪري ٿي ان ڪري هي مناسب سمجهيو ويو ته شڪ ۽ شبهن جو خاتمو ڪرڻ لاءِ ۽ وضاحتون ڪرڻ لاءِ سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 1972 ۾ گنجائش پيدا ڪئي وڃي.

ان ڪري قانون هن طرح سان جوڙيو پيو وڃي ٿو.

**مختصر عنوان، توسيع ۽ شروعات (Short Title and Commencement)**

1. هن ايڪٽ کي سنڌ (سنڌي ۾ تعليم، ان جي ترقي ۽ جو استعمال) (عمل ڪرائڻ بابت) سال 1972 وارو ايڪٽ چيو ويندو.

2. هن جي توسيع پوري سنڌ صوبي ۾ عمل ۾ آندي ويندي.
3. هي هڪدم لاڳو ٿيندو.

**لساني بنياد تي ڪو به امتيازي سلوڪ نه ڪيو ويندو. (No Discrimination**

2. هاڻ جيئن ته سنڌ (سنڌ ۾ تعليم ۽ ان جي ترقي ۽ استعمال) (عمل ڪرائڻ) بابت سال 1972 واري ايڪٽ جو لاڳو ڪرڻ جو مدو گهٽ ۾ گهٽ 12 سال هوندو ۽ ان کي لاڳو ڪرڻ جي شروعاتي تاريخ 22 جولائي 1972 کان تصور ڪئي ويندي.

(الف) سول سروس يا سول نوڪري جي اهل يا سنڌ صوبي ۾ سول حيثيت تي ڪم ڪندڙ عملدار سان نوڪري جي

| | |
|---|---|
| مقرري يا ترقيءَ لاءِ سنڌي يا اردو زبان جي اهليت جي بنياد تي ڪو به امتيازي سلوڪ نه ڪيو ويندو.<br>(ب) اهڙو ڪو به ماڻهو جيڪو پهريان يا هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ جي تاريخ تائين صوبي سنڌ ۾ سول ملازم جي حيثيت سان ملازمت ڪندو هجي ته ان کي هن ڪري يڪدم نوڪري مان برطرف نه ڪيو ويندو، ته هو سنڌي ٻولي يا اردو کان ناواقف آهي. | on linguistic basis ) |
| 3. سنڌ قانون II مجريه 1972 (Sindh Act II of 1972) اهڙي طرح لاڳو ٿيندو جو اردو ٻولي جي استعمال جو منحرف نه ٿيندو. | سنڌ قانون II سال 1972 جو اهڙي طرح لاڳو ڪرڻ جو اردو ٻولي سان امتيازي سلوڪ جو خاتمو ڪري.<br>(Applications of Sindh Act II of 1972 to eliminate discrimination against Urdu.) |
| 4. هي ايڪٽ، سنڌ آرڊيننس XI مجريه 1972 (Sindh Ordinance XI of 1972) کي منسوخ ڪندو . | سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1972 جي منسوخي<br>(Repeal of Sindh Ordinance XI of 1972) |

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.